# تحفة الحجاج

اکيون مُنهن ميهار ڏي، جن رکيون جوڙي،
رِيءَ سنڌ سيد چئي، تار گهڙن توڙي،
تنين کي پوڙي، سائر سگهي کينکي.

مانڪ مِٽ سَندوم، اوندا هي ۾ سوجهرو،
حَشرَ ويل حساب ۾، ڇڏي نه ويندوم،
سارِيو سَڏ ڪَندوم، ڪوهيارو ڪيچ ڏي.

منهنجي مداين جي، ڪل پريان پيئي،
ڪڏهن ڪو سانه ٿيا، ڏورا پو ڏيئي،
ساجن سپيئي، ڍڪيون ڍول ڍلا يون.

حضرت شاه عبداللطيف قدس سره

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ
نَحْمَدُهٗ وَنُصَلِّيْ عَلٰى رَسُوْلِهِ الْكَرِيْمِ

لَقَدْ مَنَّ اللّٰهُ عَلَى الْمُؤْمِنِيْنَ اِذْ بَعَثَ فِيْهِمْ رَسُوْلًا مِّنْ اَنْفُسِهِمْ

بيشڪ الله تعاليٰ (وڏو) احسان فرمايو آهي مومنن تي جو انهن مان انهن ۾ رسول موڪليائين

(٣ آل عمران ١٦٤)

# زيارت مَدِيْنَه مُنَوَّرَه

## حاجين لاءِ سوکڙي

هن سوکڙي ۾ مديني شريف جي زيارت جون سنڌي ترجمي سان دعائون، درود ۽ مختصر سمجهاڻيون ڏنل آهن.

از قلم:


صاحبزاده حضرت علامه عبدالوحيد جان سرهندي فاروقي

درگاهه مجدديه. ٽنڊو سائينداد



في سبيل الله ڇپائيندڙ:

الحاج سيد قمرالزمان شاهه

لطيف آباد ٢، حيدرآباد.

ماڻڪ مِٺ سندوم، اوندامي ۾ سوجهرو،
حشر ويل حساب ۾، ڇڏي نه ويندوم،
ساريو سڏ ڪندوم، ڪوهيارو ڪيچ ڌڻي. (صلى الله عليه وسلم)
شاھ لطيف.

ڪتاب جو نالو: زيارات مدينه منوره

ڪتاب جوڙيندڙ: صاحبزاده علامه عبدالوحيد جان سرهندي
درگاھ مجدديه ٽنڊو سائينداد

ڇپائيندڙ: سيد قمرالزمان شاھ

ڇاپو: ڇهون

هديه: پڙهي عمل ڪرڻ ۽ دعاءِ خير سان نوازڻ.

ڇپيندڙ: نيو گرين پرنٽرس
صدر حيدرآباد سنڌ.

ڪتابت: فقير فيض محمد سڪندري پتافي

ملڻ جو هنڌ: سيد قمرالزمان شاھ
233/c - لطيف آباد ۷ حيدرآباد

مدينه منوره ۾ "صلوٰة وسلام" جي لاءِ الڳ جو پڙي ڇاپي ويئي آهي جيڪا پاڻ سان گڏ ضرور کڻي اچو.

٤٨٦
٩٢

# انتساب

هن ڪتاب کي شمع رسالت جي پروانن جي نالي سان منسوب ڪريان ٿو، جن کي حج بيت الله ۽ عمره جي سعادت نصيب ٿي آهي.

قارئينِ ڪرام کي گذارش ٿي ڪجي ته مون عاجز ۽ منهنجي اولاد سيّد نويد قمر، ڊاڪٽر نديم قمر، سيد ميران محمّد شاهه ۽ نياڻين ۽ والد مرحوم مغفور محترم سيّد قاسم علي شاهه ۽ والده ماجده بيگم سيّد قاسم علي شاهه ۽ منهنجي چاچي مرحوم سيّد ميران محمّد شاهه کي پنهنجي دعائن ۾ ياد رکن.

دعائن جو طالب

**سيّد قمرالزمان شاهه**

حيدرآباد - سنڌ

# مدينه منوره جون فضيلتون

## الصلوٰة والسلام عليك يا رسول الله

صلى الله تعالى عليه وآله وسلم

### مدينه منوره ۾ حاضري:

هن ڪان اڳ حج ۽ عمره جي متعلق دعائون مختصر سمجهاڻي سان جدا ڪتاب "تحفة الحجاج" ۾ لکيون ويون آهن. هاڻي ٻنهي جهانن جي سردار ۽ عرب وعجم جي آقا حضور نبي ڪريم صلى الله عليه وآله وسلم جن جي پاڪ بستي، عزت ۽ عظمت واري شهر مديني منوره ۾ اچڻ ۽ اتي جي زيارتن ۽ اتي سلام ۽ دعائن پڙهڻ جو بيان ڪيو وڃي ٿو.

### مدينه منوره ۾ ٻيڻو ثواب:

① قَالَ اَللّٰهُمَّ اجْعَلْ بِالْمَدِيْنَةِ ضِعْفَيْ مَاجَعَلْتَ بِمَكَّةَ مِنَ الْبَرَكَةِ۔

پاڻ ڪريمن ارشاد فرمايو: ته اي منهنجا الله تون مدينه منوره جي برڪت مڪه مڪرمه کان ٻيڻي ڪر.

بخاري شريف جلد ثاني ص: ٥٥

② اَللّٰهُمَّ حَبِّبْ اِلَيْنَا الْمَدِيْنَةَ كَحُبِّنَا مَكَّةَ اَوْاَشَدَّ اَللّٰهُمَّ بَارِكْ لَنَا فِيْ صَاعِنَا وَفِيْ مُدِّنَا وَصَحِّحْهَا لَنَا وَ اَنْقُلْ حُمَّاهَا اِلَى الْجُحْفَةِ۔

پاڻ ڪريمن فرمايو: اي منهنجا رب تون اسان لاءِ مدينه منوره جي محبت ايتري پيدا ڪر جيتري مڪه مڪرمه لاءِ اسان کي محبت آهي پران کان به وڌيڪ. اي منهنجا رب اسان جي مدينه منوره جي تور ۽ ماپ ۾ برڪت عطا فرماءِ، اي منهنجا رب مدينه جي بخار کي جحفه تائين پري ڪري ڇڏ. (جُحفه مصر ۽ شام وارن جو ميقات آهي).

بخاري شريف جلد ثاني ص: ٥٦

حديث شريف ۾ ارشاد آهي، پاڻ ڪريمن مدينه منوره لاءِ هي دُعا گهُري آهي، اي منهنجا الله تون اسان جي مديني منوره ۾ برڪت نازل فرماءِ ۽ يا الله تون اسان جي مديني جي رزق ۾ برڪت نازل فرماءِ. اي منهنجا الله! بيشڪ حضرت ابراهيم تنهنجو ٻانهو ۽ خليل ۽ نبي هو ۽ بيشڪ آئون تنهنجو پيارو ٻانهو ۽ سچو رسول آهيان ۽ بيشڪ حضرت ابراهيم مڪه مڪرمه لاءِ دُعا گهُري هئي ۽ آئون تو کان مدينه منوره لاءِ مڪه مڪرمه جي ثواب کان ٻيڻي ثواب جي دُعا گهران ٿو.

مذڪوره حديث شريف بخاري شريف ۾ حضرت عبدالحق محدث دهلوي پنهنجي مستند ڪتاب: ”جذب القلوب الیٰ ديار المحبوب“ ۾ نقل ڪئي آهي. حضرت محدث دهلوي فرمائن ٿا ته مدينه منوره لاءِ هر ثواب ۽ نيڪي جي ٻيٽي ٿيڻ جو مضمون گهڻين حديثن مان ملي ٿو، هت فقط هڪ حديث نقل ڪجي ٿي.

حواله: از جَذبُ القُلوب صفحه ٢٥٠

## سڀ کان افضل زيارت:

جاڻڻ گهرجي ته هر هڪ مسلمان جي دلي تمنا ۽ سڪ ۽ محبت هوندي آهي ته سڀ کان اوّل مدينه منوره ۾ سرڪارِ دوعالم نورِ مجسم صلی اللہ تعالیٰ علیه وآله وسلم جي روضهٔ اطهر جي زيارت حاصل ٿئي. جڏهن زيارت ڪندڙ مدينه منوره ڏانهن وڃڻ جي تياري ڪري ته پنهنجي دل ۾ خاص رسولِ عربيءَ جي روضهٔ اطهر جي زيارت جو ارادو ڪري ۽ پنهنجي دل ۾ محبت ۽ نيّت ۾ اخلاص پيدا ڪري ۽ اهو تصوّر ڪري ته آئون حياة النّبی صلی اللہ تعالیٰ علیه وآله وسلم جي دربار مقدّس ۾ ائين حاضر ٿي رهيو آهيان جيئن صحابهٔ ڪرام پاڪ ڪريمن جي زندگيءَ ۾ سندن زيارت کان مستفيض ٿيندا هئا. رستي ۾ ايندي صلوٰة ۽ سلام، حضور عليه الصلوٰة والسلام جن جي تعريف ۾ نعتون، غزل ۽ مولود شريف پڙهندو رهي. رستي ۾ جيڪڏهن اهي جايون معلوم ٿي سگهن

جتي حضور نبي ڪريم صلى الله عليه وآله وسلم جن مڪي ۽ مديني جي وچ ۾ سفر جي دوران نمازون ادا ڪيون آهن يا قيام فرمايو اٿن ته انهن مقدس هنڌن جي زيارت ڪندو هلي مدينه منوره ته انهن ايندي جيڪڏهن پراڻي رستي کان اچي ۽ بدر جي مقام کان لنگهي ۽ سواري جي سهوليت به هجي ته بدر جي شهيدن (عليهم الرضوان) جي مزارن جي زيارت ڪري.

جڏهن مدينه منوره جي شهر مبارڪ تي نظر پوي تڏهن الله تعالىٰ کان پنهنجي جهانن جي ڀلائي جي دعا گهري، ۽ صلوٰة و سلام گهڻو پڙهي. بهتر اهو آهي ته اڪين مان آب آڻي. ادب ۽ احترام ۾ واڌارو ڪري.

حضرت مخدوم محمّد هاشم ٺٽوي رَحمةُ اللهِ عَلَيهِ پنهنجي ڪتاب حيات القلوب جي صفحي نمبر: ٣٠٠ تي لکي ٿو: ته جيڪڏهن ڪو شخص پنهنجي اکين تي هلي ۽ وڏي ۾ وڏو ادب ڪري، تڏهن به سرڪار دوجهان صلى الله عليه وآله وسلم جن جي ادب جو حق ادا نه ٿو ڪري سگهي.

هن وقت مديني منوره جي مسجد نبوي شريف ۾ ٥. (پنجن) محرابن تي هيٺيون لکيل مستند حديثون اڪريل آهن. اهي محراب پراڻي مسجد نبوي مان پيش امام واري

حصي ۾ راچيو ته انهن سونهري محرابن جي هيٺان لکيو. باب السّلام کان اندر اچبو ته اهي محراب کبي پاسي کان ايندا انهن مان پهرين محراب تي حديث نمبر ١، اُکريل آهي ۽ ٻئي محراب تي نمبر ٢، حديث اهڙيءَ طرح ٻين ڇهن محرابن تي نمبروار هيٺيون حديثون اُکريل آهن.

① صَلوٰتِیْ فِیْ مَسْجِدِیْ هٰذَا اَفْضَلُ مِنْ اَلْفِ صَلوٰةٍ مَا سِوَاهُ اِلَّا الْمَسْجِدَ الْحَرَامِ ـ يعني منهنجي مسجد (مسجد نبوي) ۾ نماز پڙهڻ هزار نمازن کان وڌيڪ افضل آهي مسجد حرام کان سواءِ.

② شَفَاعَتِیْ لِاَهْلِ الْکَبَآئِرِ مِنْ اُمَّتِیْ ـ يعني آئون پنهنجي اُمت جي وڏي ۾ وڏي گنهگارن جي شفاعت ڪندس.

③ شَفَاعَتِیْ یَوْمَ الْقِیٰمَةِ حَقٌّ فَمَنْ لَّمْ یُؤْمِنْ بِهَا لَمْ یَکُنْ مِنْ اَهْلِهَا ـ يعني قيامت جي ڏينهن منهنجي شفاعت حق آهي، پوءِ جيڪو ماڻهو اُن تي ايمان نه ٿو رکي اُن کي شفاعت نصيب نه ٿيندي.

④ اِنَّ الْاِیْمَانَ لَیَاْرِزُ اِلَی الْمَدِیْنَةِ کَمَا تَاْرِزُ

الُحيةِ الىٰ حُجرِهَا۔ يعني بيشڪ ايمان مدينه منوره ڏانهن ايئن موٽي ٿو جيئن نانگ پنهنجي ٻر (سوراخ) ڏانهن موٽي ٿو.

⑤ مَا بَيْنَ بَيْتِيْ وَمِنْبَرِيْ رَوْضَةٌ مِنْ رِيَاضِ الْجَنَّةِ۔ يعني منهنجي گهر ۽ منهنجي منبر جي وچ بهشت جي باغن مان هڪ باغ آهي.

خُدایا بحقِ بنی فاطمہ

اي منهنجا الله تون امام حسن ۽ امام حسين جي مهابي

کہ بر قولِ ایماں کُنی خاتمہ

منهنجو خاتمون بالخير ايمان سان ڪر

اگر دعوتم رد کُنی ور قبُول

جيڪڏهن تون منهنجي اها دعا رد ڪندين يا قبول

من و دست و دامانِ آلِ رسُول

منهنجو هٿ اهل بيت جي دامن ۾ آهي.

---

حضرت سعدي رحمة الله عليه

وہ کمالِ حُسنِ حضور ہے کہ گمانِ نقص جہاں نہیں
یہی پھول خار سے دور ہے یہی شمع ہے کہ دھواں نہیں

بخدا خدا کا یہی ہے در، نہیں اور کوئی مفر مقر
جو وہاں سے ہو یہیں آکے ہو، جو یہاں نہیں تو وہاں نہیں

وہی لامکاں کے مکیں ہوئے سرِ عرش تخت نشیں ہوئے
وہ نبی ہے ﷺ جس کے ہیں یہ مکاں وہ خدا ہے جس کا مکاں نہیں

اعلیحضرت امام احمد رضا خان بریلوی
رحمۃ اللہ علیہ

# مدينه شريف جي ادب متعلق مخدوم محمد هاشم ٺٽوي عليه الرحمة جو مشهور واقعو

مشهور و معروف روايت آهي ته مخدوم محمد هاشم جي فرزند جڏهن پنهنجي والد کان حج تي وڃڻ جي اجازت گهري ته مخدوم صاحب جن فرمايو ته آئون توکي حج جي اجازت هن شرط سان ڏيان ٿو ته تنهنجي جسم جي ڪنهن به حصي مان مدينه منوره جي ڪنهن به شيءِ کي ڪا به تڪليف ۽ ايذاءُ نه پهچي.

مخدوم صاحب جو فرزند حج ڪري موٽي آيو ته سندن والد مخدوم محمد هاشم سخت ناراض ويٺا هئا. فرزند عرض ڪيو ته قبلا سائين توهان جي ناراضگي جو ڪهڙو سبب آهي؟ مخدوم صاحب فرمايو ته ياد ڪر ٿو مدينه منوره ۾ ڪنهن کي تڪليف ڏني هئي؟ فرزند عرض ڪيو ته قبلا سائين مون کي ياد

اچي ڻو ته ہي ڪنهن شيءِ کي مديني منوره ۾ مون تڪليف يا ايذاءُ نه ڏنو . مگر هڪ دفعو آئون حرم شريف جي ٻاهران ويٺي ماني کائي رهيو هوس ته هڪڙو ڪُتو منهنجي ويجهو اچڻ لڳو. مون ان کي گهڻوئي هُش هُش ڪري روڪيو مگر هو نه رُڪيو ۽ ايترو ويجهو اچي ويو جو قريب هو جو منهنجا ڪپڙا ان جي جسم کي لڳي پليت ٿين. عصر جي نماز جو وقت به تمام ويجهو اچي چُڪو هو، ان ڪري مون ڪو به چارو نه ڏسي پير ۾ پيل لڪڻ ان ڪُتي کي پري ٿيڻ لاءِ پُٺن تي هڻي ڪڍيو.

مخدوم صاحب هڪدم قميص پنهنجي پُٺيءَ تان لاهي پٽ کي فرمايو ته هيءُ ڏس اُنهيءَ لڪڻ جو نشان اڃا تائين باقي آهي! اي پٽ اهو ڪُتو نه پر آئون هوس. ۽ تنهنجو امتحان ٿي ورتم.

# مدينه منوره جي شهر ۾ داخل ٿيڻ وقت هيءَ دعا پڙهي

اَللّٰهُمَّ اَنْتَ السَّلَامُ وَمِنْكَ

اي الله! تون سلامتي وارو آهين ۽ تنهنجي طرفان ئي

السَّلَامُ وَاِلَيْكَ يَرْجِعُ السَّلَامُ

سلامتي آهي ۽ توڏانهن ئي موٽي سلامتي

فَحَيِّنَا رَبَّنَا بِالسَّلَامِ وَاَدْخِلْنَا

پوءِ زنده رک اسان کي اي اسان جا رب! سلامتي سان ۽ داخل

دَارَكَ دَارَالسَّلَامِ تَبَارَكْتَ رَبَّنَا

کر اسان کي بهشت ۾ برکت وارو آهين

وَتَعَالَيْتَ يَا ذَالْجَلَالِ وَالْاِكْرَامِ

۽ بلند آهين اي اسان جا رب ۽ وڏي شان وارو آهين اي وڏائيءَ ۽ بزرگيءَ وارا.

رَبِّ اَدْخِلْنِیْ مُدْخَلَ صِدْقٍ

اي منهنجا رب مون کي بهشت ۾ داخل ڪر

وَّاَخْرِجْنِیْ مُخْرَجَ صِدْقٍ وَّاجْعَلْ

۽ مون کي هن دنيا مان خير سان سفر ڪراءِ ۽ مون کي

لِّیْ مِنْ لَّدُنْكَ سُلْطٰنًا نَّصِيْرًا ۝

پاڻ وٽان نمايان غلبو عطا ڪر

وَقُلْ جَآءَ الْحَقُّ وَزَهَقَ الْبَاطِلُ اِنَّ

۽ رسول عربي تون ائين فرمايو ته حق آيو ۽ باطل مٽجي ويو بيشڪ

الْبَاطِلَ كَانَ زَهُوْقًا ۝ وَنُنَزِّلُ مِنَ الْقُرْاٰنِ

باطل مٽجي ويندو ۽ اسان قرآن ڪريم ۾ اهي شيون

مَا هُوَ شِفَآءٌ وَّرَحْمَةٌ لِّلْمُؤْمِنِيْنَ وَلَا

نازل ڪريون ٿا جيڪي مؤمن لاءِ شفا ۽ رحمت آهن ۔ ۽

يَزِيۡدُ الظّٰلِمِيۡنَ اِلَّا خَسَارًا

ظالمن لاءِ ان ۾ زياده خسارو ٿئي ٿو.

بِسۡمِ اللّٰهِ مَاشَآءَ اللّٰهُ لَا

شروع ٿو ڪيان الله جي نالي سان جيڪي الله گهريو. ناهي

قُوَّةَ اِلَّا بِاللّٰهِ اَللّٰهُمَّ هٰذَا حَرَمُ

طاقت چڱاين جي مگر الله جي ترفيق سان. اي الله! هي حرم

رَسُوۡلِكَ فَاجۡعَلۡهُ لِیۡ وِقَايَةً مِّنَ

آهي تنهنجي رسول جو پوءِ بناءِ ان کي مون لاءِ بچاءُ ڪري

النَّارِ وَاَمَانًا مِّنَ الۡعَذَابِ وَسُوۡٓءِ

باهه کان ۽ امن جو سبب ڪري عذاب کان ۽

الۡحِسَابِ اَللّٰهُمَّ افۡتَحۡ لِیۡ اَبۡوَابَ

پنهنجي حساب جي سختي کان اي الله کول تون مون لاءِ

رَحْمَتِكَ وَارْزُقْنِيْ مِنْ زِيَارَةِ

پنهنجي رحمت جا دروازا ۽ توفيق ڏي مون کي پنهنجي

رَسُوْلِكَ ﷺ مَارَزَقْتَ لِاَوْلِيَآئِكَ

رسول ﷺ جي زيارت سان جيڪا تو نصيب ڪئي پنهنجي ولين

وَاَهْلِ طَاعَتِكَ وَانْقِذْنِيْ مِنَ

کي ۽ پنهنجي تابعداري وارن کي ۽ بچاءِ تون مون کي

النَّارِ وَاغْفِرْلِيْ وَارْحَمْنِيْ يَاخَيْرَ

باه کان ۽ بخش ڪر تون مون کي ۽ رحم ڪر مون تي

مَسْئُوْلِ اَللّٰهُمَّ اجْعَلْ لَنَا فِيْهَا

اي بهترين سوال قبول ڪندڙ اي الله تيار ڪر اسان لاءِ ان ۾

قَرَارًا وَّرِزْقًا حَسَنًا

قرار ۽ سهڻو رزق.

هن ڪان پوءِ درود تاج پڙهي:

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

الله تعاليٰ جي نالي سان شروع ڪريان ٿو جيڪو نهايت مهربان ۽ باجهارو آهي

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَمَوۡلَانَا

اي اسانجا رب پنهنجون رحمتون موڪليو اسانجي سردار ۽ اسان جي سائين

مُحَمَّدٍ صَاحِبِ التَّاجِ وَالۡمِعۡرَاجِ

محمد ڪريم تي جيڪي صاحب آهن تاج ۽ معراج جا

وَالۡبُرَاقِ وَالۡعَلَمِ ط دَافِعِ الۡبَلَاءِ

۽ براق ۽ شفاعت جي جهنڊي جا، پاڻ ڪريم مصيبتون

وَالۡوَبَآءِ وَالۡقَحۡطِ وَالۡمَرَضِ وَالۡاَلَمِ ط

۽ وبائون ۽ ڏڪر ۽ مرض ۽ درد دفع ڪندڙ آهن،

اِسۡمُهٗ مَكۡتُوۡبٌ مَّرۡفُوۡعٌ مَّشۡفُوۡعٌ

سندن نالو مبارڪ مٿاهون ۽ شفاعت ڪندڙ لکيل آهي

مَنْقُوْشٌ فِی اللَّوْحِ وَالْقَلَمِ

پاڻ چٽيل آهي لوح محفوظ ۾

سَیِّدِ الْعَرَبِ وَالْعَجَمِ جِسْمُهٗ

پاڻ ڪريم عرب ۽ عجم جا سردار آهن - سندن جسم

مُقَدَّسٌ مُّعَطَّرٌ مُّطَهَّرٌ مُّنَوَّرٌ فِی

مبارڪ، پاڪ، خوشبودار، پاڪ ۽ روشن آهي

الْبَیْتِ وَالْحَرَمِ شَمْسِ الضُّحٰی

پنهنجي گهر مبارڪ ۽ حرم ۾، پاڻ ڪريم روشن سج

بَدْرِ الدُّجٰی صَدْرِ الْعُلٰی

چوڏهينءَ جا چنڊ ۽ بلند درجي وارا آهن

نُوْرِ الْهُدٰی کَهْفِ الْوَرٰی مِصْبَاحِ

پاڻ ڪريم هدايت جا نور، جهانن جا اجها، اونداهي

الظُّلَمِ جَمِيلِ الشِّيَمِ شَفِيعِ

۾ روشني آهن، پاڻ ڪريم سيني انسانن کان خوبصورت امت جي شفاعت

الْاُمَمِ صَاحِبِ الْجُوْدِ وَالْكَرَمِ

ڪندڙ آهن، پاڻ ڪريم سخاءِ احسان جا صاحب آهن.

وَاللهُ عَاصِمُهٗ وَجِبْرِيْلُ خَادِمُهٗ

الله تعاليٰ سندن محافظ ۽ جبريل امين سندن خادم

وَالْبُرَاقُ مَرْكَبُهٗ وَالْمِعْرَاجُ سَفَرُهٗ

۽ براق سندن سواري ۽ معراج سندن سفر

وَسِدْرَةُ الْمُنْتَهٰى مَقَامُهٗ وَقَابَ

۽ سدرة المنتهیٰ سندن مقام آهي ۽ قاب

قَوْسَيْنِ مَطْلُوْبُهٗ وَالْمَطْلُوْبُ

قوسين سندن مطلوب آهي ۽ مطلوب سندن

مَقۡصُوۡدُهٗ وَالۡمَقۡصُوۡدُ مَوۡجُوۡدُهٗ

مقصود آهي ۽ مقصود سندن وُجود مبارڪ آهي، پاڻ

سَيِّدِ الۡمُرۡسَلِيۡنَ، خَاتَمِ النَّبِيِّيۡنَ،

ڪريم رسولن جا سردار ، نبين جا اختتام

شَفِيۡعِ الۡمُذۡنِبِيۡنَ، اَنِيۡسِ الۡغَرِيۡبِيۡنَ،

گنهگارن جا شفاعت ڪندڙ ، غريبن جا همدرد

رَحۡمَةٍ لِّلۡعٰلَمِيۡنَ، رَاحَةِ الۡعَاشِقِيۡنَ،

۽ ساري ڪائنات لاءِ رحمت آهن پاڻ ڪريم پنهنجي عاشقن لاءِ

مُرَادِ الۡمُشۡتَاقِيۡنَ، شَمۡسِ

راحت ۽ مشتاقن جي لاءِ مراد آهن ، پاڻ ڪريم عارفن

الۡعَارِفِيۡنَ، سِرَاجِ السَّالِكِيۡنَ،

جا سج ، سالڪن جا رهنما

مِصْبَاحِ الْمُقَرَّبِيْنَ، مُحِبِّ الْفُقَرَآءِ

خاص بندن لاءِ روشني غريبن ۽

وَالْغُرَبَآءِ وَالْمَسَاكِيْنِ؛

مسڪينن سان محبت ڪندڙ آهن

سَيِّدِ الثَّقَلَيْنِ، نَبِيِّ الْحَرَمَيْنِ، اِمَامِ

ٻانڪريم انسانن ۽ جنن جا سردار ۽ ٻنهي حرمن جا نبي ۽

الْقِبْلَتَيْنِ، وَسِيْلَتِنَا فِى الدَّارَيْنِ؛

ٻنهي قبلن جا امام آهن ۽ اسان لاءِ ٻنهي جهانن جا وسيلا آهن

صَاحِبِ قَابَ قَوْسَيْنِ، مَحْبُوْبِ

ٻانڪريم صاحب آهن قاب قوسين جا محبوب

رَبِّ الْمَشْرِقَيْنِ وَرَبِّ الْمَغْرِبَيْنِ؛

آهن رب العٰلمين جا

جَدِّ الْحَسَنِ وَالْحُسَيْنِ، مَوْلٰنَا

ناناپاڪ آهيو امام حسن ۽ امام حسين رضي الله عنهما جا، اسانجا

وَمَوْلَى الثَّقَلَيْنِ، اَبِى الْقَاسِمِ

سردار ۽ جهانن جا مهندار آهن . پاڪ ڪريم حضرت

مُحَمَّدِ بْنِ عَبْدِاللّٰهِ، نُوْرٍ مِّنْ

قاسم جا والد، سندن اسم مبارڪ محمد ڪريم آهي پاڪ حضرت عبدالله

نُّوْرِ اللّٰهِ، يَاۤاَيُّهَا الْمُشْتَاقُوْنَ بِنُوْرِ

جا فرزند الله جا نور آهن . اي محبت وارا مؤمن توهان سندن

جَمَالِهٖ، صَلُّوْا عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ

نور جي جمال سان پاڪ ڪريمن ۽ سندن اولاد مبارڪ

وَاَصْحَابِهٖ وَسَلِّمُوْا تَسْلِيْمًا ه

۽ صحابه ڪرام تي صلواتون ۽ گهڻا سلام پڙهو.

# علامه سمهودي جي هڪ اهم ۽ تحقيقي فتوىٰ

عالمِ اسلام جي عظيم محقق حضرت علامه علي بن احمد سمهودي (وفات ڪيل ٩١١ھ) رحمة الله عليه مدينه منوره جي آداب ۽ تاريخي حالات تي هڪ نهايت مُستند ۽ جامع ڪتاب تصنيف ڪيو آهي. ان ڪتاب جو نالو "وَفَاءُ الْوَفَا بِاَخْبَارِ دَارِ الْمُصْطَفىٰ" آهي. هي ڪتاب چئن جلدن ۾ ١٤٣٥ صفحن تي مشتمل آهي. مجموعي طور هي سڄو ڪتاب پڙهڻ وٽان ۽ قابلِ تعريف آهي. پر اسين هن ڪتاب "زيارات مدينه منوره" ۾ سندن فقط هڪ اهم تحقيقي فتوىٰ لکون ٿا، جنهن جي معلومات هن وقت عام مسلمانن کي تمام ضروري آهي. حضرت علامه سمهودي جي اها تحقيقي فتوىٰ هي آهي:

## تحقيقي فتوىٰ

پاڪ ڪريم صلى الله عليه وآله وسلم جو وسيلو وٺي الله جل جلالهٗ جي دربار اقدس ۾ دُعا گهرڻ، انبياء ڪرام اولياء عظام ۽ سلف صالحين جو هميشه معمول رهيو آهي ۽ سائين

ڪريمن جو وسيلو هر حال ۾ هر دور ۾ ورتو ويو آهي.

سندن نور جي تخليق کان وٺي سندن انساني جامو پهرڻ تائين سندن ظاهري زندگيءَ ۾ سندن پردو فرمائڻ کان پوءِ هر وقت ۾ قيامت جي ڏينهن تائين الله جل جلالهٗ جي دربار ۾ سندن وسيلي کان سواءِ ڪو به عرض اگهامڻ ۾ گناهن کان معافي ملڻ ناممڪن آهي.

ڪتاب وفاءالوفا جي عبارت ترجمي سميت هي آهي:

اعلم ان الاستغاثة والتشفع بالنبی صلی الله علیه واٰلهٖ وسلم وبجاهٖ وببرکتهٖ الیٰ ربهٖ تعالیٰ من فعل الانبیاء والمرسلین وسیر سلف الصالحین واقع فی کل حالٍ، (وفاء الوفا: ص ١٣٧١، جلد: ٤)

ترجمه:- توهان ياد رکو ته سائين ڪريمن جي مدد ۽ شفاعت وٺڻ ۽ الله تعالى وٽ سندن مرتبي ۽ برڪت جي وسيلي سان اها دعا گهرڻ، نبين ۽ رسولن ۽ سلف صالحين جو طريقه ڪار ۽ معمول آهي ۽ سندن وسيلو هر حال ۾ ورتو ويو آهي.

# چئني امامن جي فتویٰ

اهلِ سنت جي چئني امامن؛ حضرت امام ابوحنيفه، حضرت امام شافعي، حضرت امام مالڪ ۽ حضرت امام احمد بن حنبل رحمة الله تعالىٰ عليهم صحيح حديثن مان ثابت ڪيو آهي ته مدينه منوره ۾ سونهري جاري مبارڪ جي سامهون سرڪارِ دوجهان صلى الله عليه وآله وسلم جن ڏانهن مُنهن ڪري ڪعبة الله شريف ڏي پُٺ ڏيئي دُعا گهري.

(حوالي لاءِ ڏسندا: ڪتاب وفاء الوفاء جلد اول باخبار دار المصطفىٰ صفحو ١٣٧٦ کان ١٣٧٩، تائين)

## حضرت امام ابوحنيفه جي روايت:

رَوى الامام ابوحنيفة فى مسنده كتاب الحج، عن نافع عن عمر رضى الله عنه من السُّنّة ان تأتى قبر النبى صلى الله عليه وسلم مِن قبل القبلة وتجعل ظهرك الى القبلة واستقبل القبر بوجهك ثم تقول اَلسَّلَامُ عَلَيْكَ اَيُّهَا النَّبِيُّ وَرَحْمَةُ اللهِ وَبَرَكَاتُهُ

ترجمو: حضرت امام اعظم ابوحنيفه رضى الله تعالىٰ عنه پنهنجي مَسند ۾ حضرت عمر رضى الله عنه کان روايت ڪئي آهي ته مسنون طريقو هي آهي ته توهان نبي ڪريم صلى الله عليه وآله وسلم جي

سونهري ڄاري مبارڪ تي هن طريقي سان سلام عرض ڪريو جو توهان قبله ڏي پُٺي ڏيو ۽ سائين ڪريمن جي سونهري ڄاري مبارڪ جي سامهون ٿيو، اُن ڪان پوءِ هيءُ الفاظ چئو:

اَلسَّلَامُ عَلَيْكَ اَيُّهَا النَّبِيُّ وَرَحْمَةُ اللّٰهِ وَبَرَكَاتُهُ

جنهن کان پوءِ باقي سلام پڙهي دعا گهرو.

حواله: از- مسند امام اعظم ڪتاب الحج-

بقلم

عبده عبد الوحيد سرهندي عفي عنه

---

**نوٽ:** متي پڙهڻ جي سلام لاءِ الڳ چو پڙي:

"صلوٰة وسلام" ۾ لکيو ويو آهي جيڪا هن ڪتاب "زيارات مدينه" سان گڏ پلاسٽڪ جي ڪور ۾ پيل آهي.

هن کان پوءِ هي دعا گھري.

**يَارَسُوْلَ اللهُ اُنْظُرْ حَالَنَا**

اي الله جا پيارا رسول توهان اسانجي حال تي رحم فرمايو.

**يَا حَبِيْبَ اللهُ اِسْمَعْ قَالَنَا**

اي الله جا پيارا حبيب توهان اسان جو عرض ٻڌو.

**اِنَّنِىْ فِىْ بَحْرِ غَمٍّ مُّغْرَقٌ**

بيشڪ اسين ڏکن ۽ تڪليفن ۾ غرق آهيون.

**خُذْ يَدِىْ سَهِّلْ لَنَا اَشْكَالَنَا**

توهان مدد فرمائي اسان جا مشڪل (ڪم) آسان فرمايو.

## جنت البقيع ۾ حاضري ۽ سلام

حرم پاڪ کان اوير ۾ قبرستان آهي، جنهن جو نالو جنت البقيع آهي. تمام گھڻي شان وارو آهي، حضور صلي الله عليه وآله وسلم جا ڪيئي اهل بيت، امام صاحب، اصحاب سڳورا، ازواج مطهرات، سائين جون نياڻيون، پڦيون، فرزند ۽ ٻيا به ڪيترائي الله جا پيارا ٻانها ان ۾ دفن ٿيل آهن. هن کان اڳ جنت البقيع جا دروازا کليل هوندا هئا. اندر وڃي جيترا نالا ۽ مزارون معلوم هونديون هيون

ته هر ڪو انهن تي بيهي سلام پڙهندو هو، مگر هن وقت خاص وقتن تي دروازو کلي ٿو.

حضورپاڪ صلي الله عليه وآلہٖ وسلم جو ارشاد مبارڪ آهي ته: ”بقيع وارن جي شفاعت مون تي لازم آهي ۽ قيامت جي ڏينهن آئون سڀ کان اڳ بقيع وارن جي شفاعت لاءِ الله سائين کي عرض ڪندس.

## گڏيل سلام

اَلسَّلَامُ عَلَيْكُمْ يَا اَهْلَ الْبَقِيْعِ

سلام اوهان تي اي اهل بقيع جا

يَا اَهْلَ الْجَنَابِ الرَّفِيْعِ اَنْتُمُ السَّابِقُوْنَ

اي اهل بارگاه بلند جا اوهان اڳرائي ڪندڙ آهيو

وَنَحْنُ اِنْشَآءَ اللّٰهُ بِكُمْ لَاحِقُوْنَ اَبْشِرُوْا

۽ اسين الله گهريو ته اوهان سان ملندڙ آهيون.

بِاَنَّ السَّاعَةَ اٰتِيَةٌ لَّارَيْبَ فِيْهَا

خوش ٿيو تحقيق قيامت ايندڙ آهي. ان ۾ ڪو به شڪ نه آهي

وَاَنَّ اللّٰهَ يَبۡعَثُ مَنۡ فِى الۡقُبُوۡرِ اَنۡسَكُمۡ

۽ تحقيق الله اٿاريندو انهن کي جيڪي قبرن ۾ آهن. ورونهن وارو

اَللّٰهُ تَعَالٰى وَشَرَّفَكُمۡ بِقَوۡلِ اَشۡهَدُ

ڪيو اوهان کي الله ۽ شرف ڏنائين اوهان کي هن قول سان تہ شاهدي

اَنۡ لَّآ اِلٰـــهَ اِلَّا اللّٰهُ وَحۡـــدَهٗ

ٿو ڏيان مان تہ تحقيق ناهي ڪو معبود سواءِ الله جي اهو اڪيلو آهي

لَاشَرِيۡكَ لَـهٗ وَاَشۡهَدُ اَنَّ سَيِّدَنَـا

ان جو ڪو شريڪ ناهي ۽ مان شاهدي ٿو ڏيان تہ تحقيق اسان جو

مُحَمَّدًا عَبۡدُهٗ وَرَسُوۡلُهٗ ○

سردار (حضرت) محمد ﷺ ان جو ٻانهو ۽ رسول آهي.

حياة القلوب ۾ مخدوم محمد هاشم ٺٽوي عليه الرحمة هيئن لکيو آهي:

اَلسَّلَامُ عَلَيْكُمْ دَارَقَوْمٍ مُّؤْمِنِيْنَ

سلام اوهان تي اي جاءِ قوم ايمان وارن جي

وَاَتَاكُمْ مَا تُوْعَدُوْنَ غَدًا مُّؤَجِّلُوْنَ

۽ آيو اوهان کي جيڪو وعدو ڏنو ويو هو. صبحاڻي مدو ڏنل

وَاِنَّآ اِنْشَآءَ اللّٰهُ بِكُمْ لَاحِقُوْنَ

۽ اسين جيڪڏهن الله گهريو تہ اوهان سان ملندڙ آهيون.

اَللّٰهُمَّ اغْفِرْ لِاَهْلِ بَقِيْعِ الْغَرْقَدِ

اي الله! بخش ڪر تون اهل بقيع غرقد وارن کي،

اَلسَّلَامُ عَلَيْكُمْ اَهْلَ الدِّيَارِ مِنَ الْمُؤْمِنِيْنَ

سلام اوهان تي اي اهل دارن جا مومنو! ۽

وَالْمُسْلِمِيْنَ وَيَرْحَمُ اللّٰهُ الْمُسْتَقْدِمِيْنَ مِنَّا

مسلمانو! ۽ رحم ڪري الله اڳين تي اسان منجهان

وَالْمُتَاخِّرِيْنَ نَسْئَلُ اللّٰهَ لَنَا وَلَكُمُ

۽ پوين تي گهرون ٿا الله کان پنهنجي لاءِ ۽ اوهان جي

الْعَافِيَةِ ○ (رواه مسلم)

لاءِ سلامتي.

هي لفظ وڏائي پڙهي ته وڌيڪ سنو آهي.

اٰنَسَ اللّٰهُ وَحْشَتَكُمْ وَرَحِمَ

شال وندر وارو ڪري الله توهان جي پريشانيءَ کي ۽ رحم ڪري

غُرْبَتَكُمْ وَضَاعَفَ حَسَنَاتِكُمْ

اوهان جي اڪيلائي تي ۽ ٻيڻيون ڪري اوهان جون نيڪيون

وَكَفَّرَ سَيِّاٰتِكُمْ وَغَفَرَلَنَا وَلَكُمْ

۽ ميٽي اوهان جي براين کي ۽ بخش ڪري اسان کي ۽ اوهان کي

رَبَّنَا اغْفِرْلَنَا وَلِوَالِدَيْنَا

اي اسانجا رب بخش ڪر اسان کي ۽ اسان جي ماءُ پيءُ

وَلِاُسْتَاذِيْنَا وَلِاِخْوَانِنَا وَاَوْلَادِنَا

۽ اسان جي استادن ۽ اسان جي ڀائرن کي ۽ اسان جي اولاد کي

وَاَحْفَادِنَا وَلَا قَارِبِنَا وَلِاَصْحَابِنَا

۽ اسان جي پوٽن کي ۽ اسان جي قريبن کي ۽ اسان جي دوستن

وَلِاَحْبَابِنَا وَلِمَنْ لَهُ حَقٌّ عَلَيْنَا

۽ محبت وارن کي ۽ جنهن جو اسان تي حق آهي

وَلِمَنْ اَوْصَانَا بِالدُّعَآءِ وَلِجَمِيْعِ

۽ جنهن اسان کي وصيت ڪئي آهي دعا لاءِ ۽ سيني کي

الْمُؤْمِنِيْنَ وَالْمُؤْمِنَاتِ وَالْمُسْلِمِيْنَ

مومنن ۽ مومنياڻين ۽ مسلمانن

وَالْمُسْلِمَاتِ الْاَحْيَآءِ مِنْهُمْ وَالْاَمْوَاتِ رَبَّنَا

۽ مسلمانياڻين کي انهن مان جيئرن ۽ مئلن کي اي اسان جا رب

اغْفِرْلَنَا وَلِاِخْوَانِنَا الَّذِيْنَ

بخش ڪر اسان کي ۽ اسان جي ڀائرن کي جيڪي

سَبَقُوْنَا بِالْاِيْمَانِ وَلَاتَجْعَلْ فِيْ

اڳي ويا اسان کان ايمان سان ۽ نہ ڪر تون اسان جي

قُلُوْبِنَا غِلًّالِّلَّذِيْنَ آمَنُوْا رَبَّنَآ

دلين ۾ دشمني انهن لاءِ جن ايمان آندو. اي اسان جا رب

اِنَّكَ رَؤُفٌ رَّحِيْمٌ ؕ اَللّٰهُمَّ صَلِّ

بيشڪ تون ٻاجهارو مهربان آهين. اي الله! صلوٰة موڪل تون

عَلٰى رُوْحِ سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ فِى

مٿي روح اسان جي سردار (حضرت) محمد جي روحن

الْاَرْوَاحِ وَصَلِّ عَلٰى جَسَدِ سَيِّدِنَا

۾ ۽ رحمت موڪل مٿي جسم اسان جي سردار

مُحَمَّدٍ فِي الْاَجْسَادِ وَصَلِّ عَلٰی

(حضرت) محمد جي جسمن ۾ ۽ رحمت موڪل مٿي

قَبْرِ سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ فِي الْقُبُوْرِ

قبر اسان جي سردار (حضرت) محمد جي قبرن ۾

رَبَّنَا وَتَوَفَّنَا مُسْلِمِيْنَ وَاَلْحِقْنَا

اي اسان جا رب وفات ڪراءِ اسان کي مسلمان ڪري ۽ شامل ڪر

بِالصّٰلِحِيْنَ وَاَدْخِلْنَا الْجَنَّةَ اٰمِيْنَ

اسان کي صالحن ۾ ۽ داخل ڪر اسان کي بهشت ۾ آمين.

بِرَحْمَتِكَ يَا اَرْحَمَ الرَّاحِمِيْنَ

پنهنجي رحم سان اي وڏا رحم ڪندڙ رحم ڪندڙن ۾

وَصَلِّ عَلٰی جَمِيْعِ الْاَنْبِيَآءِ وَالْمُرْسَلِيْنَ

۽ رحمت موڪل تون سڀني نبين ۽ رسولن تي

وَعَلَى الْمَلٰٓئِكَةِ الْمُقَرَّبِيْنَ وَعَلٰىٓ اَهْلِ

۽ ملائڪن مقربن تي ۽ پنهنجي تابعدارن تي

طَاعَتِكَ اَجْمَعِيْنَ وَارْحَمْنَا مَعَهُمْ

مڙني تي ۽ رحم ڪر اسان تي انهن سان گڏ

وَارْزُقْنَا شَفَاعَتَهُمْ وَاحْشُرْنَا

۽ نصيب ڪر اسان کي انهن جي سفارش ۽ قبر مان اٿار اسان کي

مَعَهُمْ وَالْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعَالَمِيْنَ ○

انهن سان گڏ ۽ سڀ ساراه ثابت آهي جهانن جي پالڻهار لاءِ

(حياة القلوب ص٢٣٢)

١

بيبي سڳوري تي سلام هڪ جنة البقيع ۾ ۽ ٻيو اندر باب جبرئيل جي سامهون پڙهو.

## سيده فاطمه زهره رضي الله تعاليٰ عنها تي سلام

اَلسَّلَامُ عَلَيْكِ يَا سَيِّدَتَنَا

سلام توتي اي اسان جي رهبر

فَاطِمَةَ الزَّهْرَآءِ يَابِنْتَ رَسُوْلِ اللهِ

فاطمه زهراء. اي نياڻي الله جي رسول جي!

اَلسَّلَامُ عَلَيْكِ يَا بِنْتَ نَبِيِّ اللهِ

سلام توتي اي نياڻي الله جي نبي جي

اَلسَّلَامُ عَلَيْكِ يَا بِنْتَ حَبِيْبِ اللهِ

سلام توتي اي نياڻي الله جي حبيب جي.

اَلسَّلَامُ عَلَيْكِ يَا بِنْتَ مُصْطَفٰى

سلام توتي اي نياڻي مصطفيٰ (ﷺ) جي.

اَلسَّلَامُ عَلَيْكِ يَا خَامِسَةَ اَهْلِ

سلام توتي اي پنجين چادر

الْكِسَآءِ اَلسَّلَامُ عَلَيْكِ يَا زَوْجَةَ

ڍڪيلن جي سلام توتي اي گهرواري

اَمِيْرُالْمُؤْمِنِيْنَ عَلِيِّ نِ الْمُرْتَضٰى

مومنن جي امير علي المرتضيٰ

كَرَّمَ اللّٰهُ وَجْهَهٗ اَلسَّلَامُ عَلَيْكِ يَا اُمَّ

جي عزت وارو ڪيو الله ان جي منهن کي. سلام توتي اي ماءُ

الْحَسَنِ وَالْحُسَيْنِ السَّيِّدَيْنِ

حسن ۽ حسين جي، جيڪي ٻئي سردار آهن ۽

الشَّهِيْدَيْنِ الْكَوْكَبَيْنِ الْقَمَرَيْنِ

ٻئي شهيد آهن ٻئي ستارا ٻئي چمڪندڙ چنڊ

النَّيِّرَيْنِ السَّيِّدَيْنِ شَبَابِ اَهْلِ الْجَنَّةِ

آهن جيڪي سردار نوجوان جنتين جا

فِى الْجَنَّةِ اَبِىْ مُحَمَّدِنِ الْحَسَنِ

جنت ۾ آهن يعني ابومحمد حسن

وَاَبِىْ عَبْدِاللهِ الْحُسَيْنِ رَضِىَ

۽ ابوعبدالله حسين راضي ٿيو

اللهُ عَنْهُمَا وَعَنْكِ وَاَرْضَاكِ

الله انهن ٻنهي کان ۽ تو کان ۽ راضي ڪيائين

اَحْسَنَ الرِّضَا وَجَعَلَ الْجَنَّةَ

توکي سھڻو راضي ڪري ۽ ڪيائين بهشت ۾

مَنْزِلَكِ وَمَسْكَنَكِ وَمَحَلَّكِ

گھر تنهنجو ۽ آرام گاه تنهنجو ۽ جاءِ تنهنجي

وَمَاوٰىكِ اَلسَّلَامُ عَلَيْكِ

۽ جاءِ آرام تنهنجي جي. سلام توتي

وَعَلٰى اَبِيْكِ الْمُصْطَفٰى وَبَعْلِكِ

۽ تنهنجي پيءُ مصطفيٰ ۽ تنهنجي گھرواري

عَلِيِّنِ الْمُرْتَضٰى وَابْنَيْكِ

علي مرتضيٰ ۽ تنهنجي ٻن پٽن حسن

الْحَسَنَيْنِ وَرَحْمَةُ اللهِ وَبَرَكَاتُهٗ ○

حسين تي ۽ الله جي رحمت ۽ ان جون برڪتون.

٢

ان کان پوءِ حضرت عباس رضي الله تعاليٰ عنه جي مزار تي وڃي زيارت ڪري ۽ سلام پڙهي ۽ سندن پٺيان چار اهلبيت امام حسن المجتبيٰ، امام زين العابدين، امام محمد باقر، امام جعفر صادق جون مزارون مبارڪ آهن انهن تي به وڃي جدا جدا سلام پڙهي.

**اَلسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا سَيِّدَنَا عَبَّاسُ**

سلام اوهان تي اي سردار اسان جا عباس

**يَا عَمَّ رَسُوْلِ اللهِ اَلسَّلَامُ عَلَيْكَ**

اي رسول الله جا چاچا سلام توتي

**يَا عَمَّ نَبِيِّ اللهِ اَلسَّلَامُ عَلَيْكَ**

اي چاچا الله جي نبي جا. سلام توتي

**يَا عَمَّ حَبِيْبِ اللهِ اَلسَّلَامُ عَلَيْكَ**

اي چاچا الله جي حبيب جا. سلام توتي

**يَا عَمَّ الْمُصْطَفٰي اَلسَّلَامُ عَلَيْكَ**

اي چاچا مصطفيٰ جا! سلام توتي

# سلام حضرت امام حسن علیہ السلام

اَلسَّلَامُ عَلَیْکَ یَا سَیِّدَنَا الْاِمَامُ حَسَنُ
اَلسَّلَامُ عَلَیْکَ یَا اَهْلِ بَیْتِ النُّبُوَّةِ وَمَعْدَنِ
الرِّسَالَةِ اَلسَّلَامُ عَلَیْکَ یَا اِبْنَ رَسُوْلِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ
اَلسَّلَامُ عَلَیْکَ یَا اِبْنَ عَلِیِّ اِبْنَ اَبِیْ طَالِبٍ اَلسَّلَامُ
عَلَیْکَ یَا اِبْنَ فَاطِمَةَ الزَّهْرَآءِ اَلسَّلَامُ عَلَیْکَ
یَا حَبِیْبَ اللّٰهِ اَلسَّلَامُ عَلَیْکَ یَا صَفْوَةَ اللّٰهِ
اَلسَّلَامُ عَلَیْکَ یَا اَمِیْنَ اللّٰهِ اَلسَّلَامُ عَلَیْکَ یَا حُجَّةَ
اللّٰهِ اَلسَّلَامُ عَلَیْکَ یَا نُوْرَ اللّٰهِ اَلسَّلَامُ عَلَیْکَ
یَا صِرَاطَ اللّٰهِ اَلسَّلَامُ عَلَیْکَ یَا بَیَانَ حُکْمِ اللّٰهِ

اَلسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَاصِرَ دِيْنِ اللهِؕ اَلسَّلَامُ عَلَيْكَ
اَيُّهَا السَّيِّدُ الزَّكِيُّؕ اَلسَّلَامُ عَلَيْكَ اَيُّهَا الْبَرُّ
الْوَفِيُّؕ اَلسَّلَامُ عَلَيْكَ اَيُّهَا الْقَآئِمُ الْاَمِيْنُؕ
اَلسَّلَامُ عَلَيْكَ اَيُّهَا الْعَالِمُ بِالتَّأْوِيْلِؕ اَلسَّلَامُ
عَلَيْكَ اَيُّهَا الْهَادِى الْمَهْدِىُّؕ اَلسَّلَامُ عَلَيْكَ
اَيُّهَا الطَّاهِرُ الزَّكِيُّؕ اَلسَّلَامُ عَلَيْكَ اَيُّهَا التَّقِيُّ
النَّقِيُّؕ اَلسَّلَامُ عَلَيْكَ اَيُّهَا الْحَقُّ الْحَقِيْقُؕ اَلسَّلَامُ
عَلَيْكَ اَيُّهَا الشَّهِيْدُ الصِّدِّيْقُؕ اَلسَّلَامُ عَلَيْكَ
يَا اَبَا مُحَمَّدِ ﹰالْحَسَنِ ابْنِ عَلِيٍّ رَضِىَ اللهُ تَعَالٰى
عَنْكَ وَاَرْضَاكَ اَحْسَنَ الرِّضَاءِ وَجَعَلَ الْجَنَّةَ

مَنْزِلَكَ وَمَسْكَنَكَ وَمَحَلَّكَ وَمَاْوٰكَ
اَلسَّلَامُ عَلَيْكَ وَرَحْمَةُ اللّٰهِ وَبَرَكَاتُهٗ ط

## سلام حضرت امام حُسین علیہ السّلام

اَلسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا سَيِّدِنَا الْاِمَامُ حُسَيْنٌ ط اَلسَّلَامُ
عَلَيْكَ يَا اَهْلِ بَيْتِ النُّبُوَّةِ وَمَعْدَنِ الرِّسَالَةِ ط
اَلسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا ابْنَ رَسُوْلِ اللّٰهِ ط اَلسَّلَامُ
عَلَيْكَ يَا ابْنَ عَلِيِّ ابْنَ اَبِیْ طَالِبٍ ط اَلسَّلَامُ
عَلَيْكَ يَا ابْنَ سَيِّدَةِ النِّسَآءِ الْعٰلَمِيْنَ اَشْهَدُ اَنَّكَ
قَدْ اَقَمْتَ الصَّلٰوةَ وَاٰتَيْتَ الزَّكٰوةَ وَاَمَرْتَ
بِالْمَعْرُوْفِ وَنَهَيْتَ عَنِ الْمُنْكَرِ وَعَبَدْتَ

اللّٰہِ مُخْلِصًا وَّجَاھَدْتَ فِی اللّٰہِ حَقَّ جِھَادِہٖ

حَتّٰی اٰتٰیکَ الْیَقِیْنُ فَعَلَیْکَ السَّلَامُ مِنِّیْ مَا بَقِیْتُ

وَبَقِیَ اللَّیْلُ وَالنَّھَارُ وَعَلٰی اٰلِ بَیْتِکَ الطَّیِّبِیْنَ

الطَّاھِرِیْنَ اَنَا یَا مَوْلَایَ مَوْلًی لَّکَ وَلِاٰلِ بَیْتِکَ

سِلْمٌ لِّمَنْ سَالَمَکُمْ وَحَرْبٌ لِّمَنْ حَارَبَکُمْ

مُؤْمِنٌ بِسِرِّکُمْ وَجَھْرِکُمْ وَظَاھِرِکُمْ وَبَاطِنِکُمْ

یَا مَوْلَایَ یَا اَبَا مُحَمَّدٍ یَا مَوْلَایَ یَا اَبَا عَبْدِ اللّٰہِ ھٰذَا

یَوْمُ الْاِثْنَیْنِ وَھُوَ یَوْمُکُمَا وَبِاسْمِکُمَا وَاَنَا فِیْہِ

ضَیْفُکُمَا فَاَضِیْفَانِیْ وَاَحْسِنَا ضِیَافَتِیْ فَنِعْمَ

مَنِ اسْتُضِیْفَ بِہٖ اَنْتُمَا وَاَنَا فِیْہِ مِنْ جِوَارِکُمَا

فَاَجِيْرَانِىْ فَاِنَّكُمَا مَاْمُوْرَانِ بِالضِّيَافَةِ وَالْاِجَارَةِ

فَصَلَّى اللّٰهُ عَلَيْكُمَا وَاٰلِكُمَا الطَّيِّبِيْنَ رَضِىَ اللّٰهُ

تَعَالٰى عَنْكَ وَاَرْضَاكَ اَحْسَنَ الرِّضَاءِ وَجَعَلَ

الْجَنَّةَ مَنْزِلَكَ وَمَسْكَنَكَ وَمَحَلَّكَ وَ

مَاْوٰكَ اَلسَّلَامُ عَلَيْكَ وَرَحْمَةُ اللّٰهِ وَبَرَكَاتُهٗ ط

مُختصر حالات:

# حضرت امام جعفر صادق

## رضي الله تعالیٰ عنهُ

حضرت امام جعفر صادق رضی الله تعالیٰ عنه جي ولادت باسعادت سنه ٨٣ھ ۾ مدينه منوره ۾ ٿي. سندن شجرهٔ نسب هن ريت آهي: حضرت امام جعفر صادق بن امام محمّد باقر بن امام زين العابدين بن سيد الشهداء امام حسين بن امام المشارق والمغارب حضرت علي ابن ابي طالب الهاشمي القرشي آهي.

حضرت امام جعفر صادق رضی الله عنه جي تعليم ۽ تربيت سندن والد امام محمّد باقر رضی الله عنه جي سايهٔ شفقت ۾ ٿي. امام محمّد باقر جي علم فضيلت، تقویٰ ۽ طهارت پوري عالم اسلام ۾ مشهور آهي. الله تعالیٰ کين ظاهري ۽ باطني علمن سان نوازيو، پاڻ پنهنجي دور جا بهترين مُفسر، ممتاز محدث، شرعي علوم جا ماهر، ظاهري ۽ باطني علمن جا

امام هئا.

حضرت امام جعفر صادق کي روحاني فيض ۽ برکت نسبت ٻن طريقن کان ملي:

١ پنهنجي والد کان، يعني حضرت امام محمّد باقر کان انهن کي اها نسبت امام زين العابدين کان، انهن کي اها نسبت پنهنجي والد حضرت امام حُسين رضی الله عنه کان ملي ۽ انهن کي اها نسبت پنهنجي والد اسد الله الغالب سيدنا علي ابن ابي طالب رضی الله عنه کان عنايت ٿي.

٢ حضرت امام جعفر صادق کي اها نسبت پنهنجي ناني پاڪ کان پهتي، سندن ناني پاڪ جو نالو حضرت امام قاسم بن محمّد بن ابوبکر صديق رضی الله عنه آهي. انهن کي اها روحاني نسبت حضرت سلمان فارسي کان ملي، انهن کي اها نسبت حضرت سيدنا ابوبکر صديق رضی الله تعالیٰ عنه کان ملي.

اُن کري امام جعفر صادق کي مَجْمَعَ الْبَحْرَيْنِ چيو وڃي ٿو، اُن جي معنیٰ هي ٿي ته روحانيت ۽ فيوضيات جا ٻه عظيم دريا سندن ذات اقدس تي اچي گڏ ٿيا آهن.

پوري عالمِ اسلام ۾ روحاني فيوضات ۽ برڪات جا چار مشهور ۽ معروف سلسلا آهن:

① سلسله نقشبنديه، ② سلسله قادريه،
③ سلسله چشتيه، ④ سلسله سُهرورديه۔

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ، اهي چارئي روحاني سلسلا حضرت امام جعفر صادق جي فيوضات ۽ برڪات کان مستفيض آهن ۽ انهن چئن سلسن جا پاڻ مرشد ۽ امام آهن.

شرعي عُلوم ۾ جيڪي چارئي مذهب آهن انهن چئن ئي مذهبن جي امامن کي جيڪو علم عطا ٿيو آهي اُهو به ڪين امام جعفر صادق جي شاگردي مان مليو آهي. مثال طور، فقه حنفي جا اڳواڻ حضرت امام اعظم ابو حنيفه سندن شاگرد مان آهن. مالڪي فقه جا اڳواڻ حضرت امام مالڪ سندن شاگردن مان آهن. فقه شافعي جو اڳواڻ حضرت امام شافعي ۽ فقه حنبلي جو اڳواڻ حضرت امام احمد بن حنبل، حضرت امام جعفر صادق جي شاگردن جا شاگرد آهن.

حضرت امام جعفر صادق مدينه منوره ۾ رُشد ۽ هدايت

جي مَسند تي مَسند نشين ٿيا، سندن ظاهري ۽ باطني علوم مان لکن مسلمانن کي فيض پهتو. پاڻ ڪافي وقت عراق ۾ قيام پذير ٿيا، سندن وجود مقدس اسلام ۽ مسلمانن لاءِ باعثِ رحمت هو.

سندن فضائل، ڪشف ۽ ڪرامات بي حد آهن، جيڪي هن مختصر مضمون ۾ آڻڻ ناممڪن آهن. اسلام جي هن عظيم رهنما جو وصال مدينه منوره ۾ ٿيو ۽ سندن مرقد مبارڪ جنة البقيع ۾ آهي، يُزَارُ وَيَتَبَرَّكُ بِهٖ، ترجمه: (انهي قبر انور جي زيارت ڪري سگهجي ٿي ۽ برڪت حاصل ڪري سگهجي ٿي).

شعر: صادقن سان حشر ڪر منهنجو اِلٰه العٰلمين،
جعفر صادق امام الاولياء جي واسطي.

الراقم:
عبدهٗ عبدالوحيد سرهندي عفي عنه
5-2-98
از: ٽنبه سائينداد.

# گذیل سلام

## حضرت اِمام زین العابدین و حضرت اِمام محمد باقر و حضرت اِمام جعفر صادق رضی اللہ تعالیٰ عنہم اجمعین

اَلسَّلَامُ عَلَیْکَ یَا سَیِّدِنَا الْاِمَامُ زَیْنَ الْعَابِدِیْنَ

اَلسَّلَامُ عَلَیْکَ یَا سَیِّدِنَا الْاِمَامُ مُحَمَّدُ نِ الْبَاقِرُ

اَلسَّلَامُ عَلَیْکَ سَیِّدَنَا الْاِمَامُ جَعْفَرُ الصَّادِقُ

اَلسَّلَامُ عَلَیْکُمْ یَا اَهْلَ بَیْتِ النُّبُوَّةِ وَمَعْدَنِ

الرِّسَالَةِ ط اَلسَّلَامُ عَلَیْکُمْ یَا خُزَّانَ عِلْمِ اللّٰهِ ط

اَلسَّلَامُ عَلَیْکُمْ یَا تَرَاجِمَةَ وَحْیِ اللّٰهِ ط اَلسَّلَامُ

عَلَیْکُمْ یَا اَئِمَّةَ الْهُدٰی ط اَلسَّلَامُ عَلَیْکُمْ

يَا اَعْلَامَ التُّقٰى ؕ اَلسَّلَامُ عَلَيْكُمْ يَا اَوْلَادَ رَسُوْلِ
اللّٰهِ اَنَا عَارِفٌ بِحَقِّكُمْ مُسْتَنْصِرٌ بِشَاْنِكُمْ مُوَالٍ
لِاَوْلِيَآئِكُمْ بِاَبِیْ اَنْتُمْ وَاُمِّیْ صَلَوٰةُ اللّٰهِ عَلَيْكُمْ ؕ
اَللّٰهُمَّ اِنِّیْ اَتَوَالٰی اٰخِرَهُمْ كَمَا تَوَالَيْتَ اَوَّلَهُمْ
وَاَبْرَءُ مِنْ كُلِّ وَلِيْجَةٍ دُوْنَهُمْ صَلَوٰةُ اللّٰهِ
عَلَيْكُمْ يَا مَوَالِیْ وَرَحْمَةُ اللّٰهِ وَبَرَكَاتُهٗ ؕ اَلسَّلَامُ
عَلَيْكَ يَا سَيِّدَ الْعَابِدِيْنَ ؕ اَلسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا بَاقِرَ
عِلْمِ النَّبِيِّيْنَ اَلسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا صَادِقًا مُّصَدَّقًا
فِی الْقَوْلِ وَالْفِعْلِ يَا مَوَالِیَّ هٰذَا يَوْمُكُمْ وَهُوَ
يَوْمُ الثُّلٰثَاءِ وَاَنَا فِيْهِ ضَيْفٌ لَّكُمْ وَمُسْتَجِيْرٌ

بِكُمْ فَاضِيفُونِي وَاَجِيرُونِي بِمَنْزِلَةِ اللّٰهِ عِنْدَكُمْ
وَآلِ بَيْتِكُمُ الطَّيِّبِيْنَ الطَّاهِرِيْنَ رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى
عَنْكُمْ وَاَرْضَاكُمْ اَحْسَنَ الرِّضَاءِ وَجَعَلَ الْجَنَّةَ
مَنْزِلَكُمْ وَمَسْكَنَكُمْ وَمَحَلَّكُمْ وَمَاْوٰكُمْ ۖ اَلسَّلَامُ
عَلَيْكُمْ وَرَحْمَةُ اللّٰهِ وَبَرَكَاتُهٗ ط

هن ڪان پوءِ حضور صلي الله عليه وآلهٖ وسلم جي نياڻين جي مزارن تي حاضري ڏئي، زيارت ڪري ۽ هن طرح سلام پڙهي.

### ٤

## حضور ﷺ جي نياڻين تي سلام

اَلسَّلَامُ عَلَيْكُنَّ يَا بَنَاتِ رَسُوْلِ

سلام اوهان تي اي نياڻيون رسول

اللّٰهِ اَلسَّلَامُ عَلَيْكُنَّ يَا بَنَاتِ

الله جون. سلام اوهان تي اي نياڻيون

نَبِيِّ اللّٰهِ اَلسَّلَامُ عَلَيْكُنَّ يَا

الله جي نبي جون. سلام اوهان تي اي

بَنَاتِ حَبِيْبِ اللّٰهِ اَلسَّلَامُ عَلَيْكُنَّ

نياڻيون الله جي حبيب جون. سلام اوهان تي

يَا بَنَاتِ الْمُصْطَفٰى رَضِيَ اللّٰهُ

اي نياڻيون مصطفىٰ جون راضي ٿيو الله تعالىٰ

تَعَالٰى عَنْكُنَّ وَاَرْضَاكُنَّ اَحْسَنَ

اوهان کان ۽ راضي کيائين اوهان کي سهڻو

الرِّضَا وَجَعَلَ الْجَنَّةَ مَنْزِلَكُنَّ

راضي ڪرڻ. ۽ کيائين بهشت ۾ منزل اوهان جي

وَمَسْكَنَكُنَّ وَمَحَلَّكُنَّ وَمَاْ وٰكُنَّ

۽ اوهان جي تکڻ جي جاءِ ۽ اوهان جي رهڻ جي جاءِ ۽ اوهان جي آرام

اَلسَّلَامُ عَلَيْكُنَّ وَرَحْمَةُ اللّٰهِ وَبَرَكَاتُهٗ ○

جي جاءِ. سلام اوهان تي ۽ الله جي رحمت ۽ ان جون برڪتون.

هن کان پوءِ مؤمنن جي مائرن، حضور صلي الله عليه وآلہٖ وسلم جن جي ازواج مطهرات (رضي الله تعاليٰ عنهن) جي مزارن جي زيارت ڪري ۽ هي سلام پڙهي:

٥

# حضور ﷺ جي ازواج مطهرات رضي الله تعاليٰ عنهن تي سلام

اَلسَّلَامُ عَلَيْكُنَّ يَا اَزْوَاجَ نَبِيِّ

سلام اوهان تي اي گهرواريون الله جي نبي جون

اللهِ اَلسَّلَامُ عَلَيْكُنَّ يَا اَزْوَاجَ رَسُوْلِ اللهِ

سلام اوهان تي اي گهرواريون الله جي رسول جون.

اَلسَّلَامُ عَلَيْكُنَّ يَا اَزْوَاجَ حَبِيْبِ اللهِ

سلام اوهان تي اي گهر واريون الله جي حبيب جون.

اَلسَّلَامُ عَلَيْكُنَّ يَا اَزْوَاجَ الْمُصْطَفٰى

سلام اوهان تي اي گهرواريون مصطفيٰ جون. راضي ٿيو

رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْكُنَّ وَاَرْضَاكُنَّ

الله تعاليٰ توهان کان ۽ راضي ڪيائين اوهان کي

